


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏات ۽ حيات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ذات ۽ حيات

(شاعري)

## نارايڻ شيام

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1997ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سؤ يارنهن

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| پهريون ايڊيشن | 1988ع |
| ٻيو ايڊيشن | ڊسمبر 1997ع |
| | قيمت 100/- رپيا |

DAT AIN HAYAT (Collection of Ghazals) By Narayan Shyam. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition 1988. Second Edition December 1997. Price Per Copy Rs. 100/-
Book No. 211

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1988ع ۾ اجنتا پبليڪيشن طرفان اجمير مان شايع ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـن سـفـر ۾

منزل پاڻ ساڻ ملي ٿي
مشڪل ملندو آهي رستو!

رهـبـر ۽ رهـنـمـا : پتاجن شري گوڪلداس ناگواڻي سدا حيات
شري پرسرام 'ضبا' سدا حيات
حاجي محمود 'خادم' لاڙڪاڻائي سدا حيات
ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي 'خادم'

فيض پريون صحبتون: مولوي محمد عاقل 'عاقل' سدا حيات
پروفيسر ليکراج 'عزيز' سدا حيات
شري جڳت آڏواڻي

سُـرهـو سـاٿ : شري هري درياڻي 'دلگير'
شيخ عبدالرزاق 'راز' سدا حيات
شري سُڳن آهوجا سدا حيات
شرخ مبارڪ 'اياز'
شري گووردن محبوباڻي 'ڀارتي'
شري پريو چڳاڻي 'وفا'
شري ارجن تنواڻي 'حاسد'

پهتاسين ڪهڙي ماڳ وڃي ڇا پڇي ڪندين
هان، ڏس ته هن سفر ۾ لنگهياسين ڪٿان ڪٿان!

نـارايـڻ شـيـام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**انھن جي نالي**

جن رهنمائي ۽ رهبري ڪئي،
جن جون فيض ڀريون صحبتون نصيب ٿيم،
جن سُرهو ساٿ ڏنو،
پڻ جن کان متاثر ٿيس

شيام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

| غزل نمبر | دؤر |
|---|---|
| ١ - ۴٠ | ١٩۴٠ - ١٩۵۵ |
| ۴١ - ١٢۵ | ١٩۵٦ - ١٩٦٩ |
| ١٢٦ - ١٩٣ | ١٩٧٠ - ١٩٧٢ |
| ١٩۴ - ٢۴۵ | ١٩٧٣ - ١٩٨٢ |
| ٢۴٦ - ٣١۵ | ١٩٨٣ - ١٩٨٧ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

شيام اسان جو پيارو ۽ قرب وارو شاعر آهي. هن هر قسم جو شعر چيو آهي ۽ اُن کي نرالي رنگ ۽ ڍنگ سان پيش ڪيو آهي. سندس ڪلام اٽڪل هڪ هزار صفحا ٿيندو، جو هن چونڊ ڪري ٽن ڀاڱن ۾ ڇپائڻ جو ويچار ڪيو آهي: (1) غزل، (2) نظم ۽ (3) رباعيون، قطعا، ترائيل، هائيڪو، دوها سورٺا، وغيره.

غزل وارو ڀاڱو اوهان هٿن ۾ آهي. احساس جي شاعري آهي، شبد چتر (Imagism) اُن جي جان آهي. شعر پڙهڻ سان اکين آڏو هڪ تصوير اڀري اچي ٿي ۽ پڙهندڙ مفهوم محسوس ڪرائي ٿي:

دڳ، ڏسي گهر وٽ نه ڀڄائي ويو
هيءُ نه ٿيو ڪانئس ڪٿي ٽالو ڀڃان!

ڏسي مون کي دليا ڪُڇو ڪين، ليڪن
ستارن ڀڳي اک، گلن مسڪرايو!

ڪالهه انڪار ڪيئه نيڻ جهڪائي
اڄ تو انڪار ڪري نيڻ جهڪايا!

اشتقاق جي لحاظ کان غزل عشق جي جذبن سان وابسته آهي. جوانيءَ ۾ پير رکندي ئي شيام جي حسّاس ۽ حسن پرست طبيعت کي پنهنجي جيون ساٿيءَ ۾ عشق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مرڪز ملي ويو جنهن ڪارڻ سندس شاعري جنسي آلودگيءَ کان بچي ويئي:

روڪيو گندگيءَ جي راهه کان تنهنجي نگاهه ٿي
منهنجو وڌيو نه پير ڪڏهن ٻـي ڪجي ڪجي!

جتي جتي ڏٺم اکيون ڪٽي نرمل ٿي من ٿيم
تنهنجي نظر ۾ هـوس کي گنگـا جي ڌار ۾!

غزلگو شيام وٽ محبوب جي خيالي تصوير نه آهي. سندس شعرن مـان هڪ جيئري جاڳندي انسان جـو هڪ حسين رنگا چِٽر ٺاهي سگهجي ٿو:

غم، غصو، لڄ، موهه ۽ ماڻو
نيڻ پنل، سـڀ پـاڙ رسيلا!

محبوب جو ساٿ هنجي زندگيءَ جو بار هلڪو ڪري، ڪيس مشڪل کي منهن ڏيڻ لاءِ ساهس ڏياري ٿو:

اگر زندگيءَ جي شڪايت ڪيم ڪا
پرين، اکيون ملائي تو چاليءَ لڳايو!

بس چپن ۾ مرڪڻ پئي مون ڏي جتي نهاريئه پئي
زنـدگيءَ جـا مونجهارا مـاڻت ۾ تـو سُلجهايـا!

مٿي مرڪ سان هاڻ هلڪو ڪرڻ ۽ چاليءَ لڳائي دل ۾ ساهس پرڻ آوضيح لاءِ نه، پر محسوس ڪرڻ ڪاڻ آهن. هوُ پنهنجي پريتم جي ستم يا تغافل جي ڪڏهن به ڪا شڪايت نه ٿو ڪري جتي غزل ۾ اڪثر ٿيندي آهي.

شاعر کي سونهن لاءِ پيار آهي. نتيجي ۾ هن جو لهجو نـرم، ٻولي مٺي ۽ ذوق شايسته ٿـو لڳي. سچ پچ تـه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فني تخليق به هڪ روحاني عمل آهي. فني خواه روحاني تجربي ۾ انسان جن اُتاهين تي پهچي ٿو انهن جي اسرار پروڙڻ کان علم ۽ سياڻپ قاصر آهن. پڙهندڙ جڏهن شاعر سان تخيل جي راهه ۾ همقدم ٿيندو ۽ تڏهن ئي شعر جو جمالياتي لطف ماڻي سگهندو. هونءَ به اهڙو ڪهڙو نئون سچ آهي جو شاعر اظهاري ٿو؟ سڀ ڪجهه اڳيئي چيل، ڏٺل يا ٻڌل آهي، فقط اظهار جو انداز نئون نرالو آهي. جنهن راهه کان شاعر ان سچ تائين پهتو آهي، سندس پيرو کڻي پڙهندڙ کي اُن سفر جو لطف وٺڻو آهي:

پهتاسين ڪهڙي ماڳ، وڃي ڇا ڪندين پڇي
اها، ڏس ته، هن سفر ۾ لنگهياسين ڪٿان ڪٿان!

ڏٺل مان اڻ ڏٺل جو آڀاس ڪرائڻ جماليت جو ئي جادو آهي:

جڏهن ئي بتيءَ جي سُئچ ڪٽي آف، شيام، مون
ڪمري ۾ فرش تان وٺي اُن ڪسڪي روشني!

سُئچ آف ٿيندي ئي روشني ڪن ۾ 'ڪسڪي' چار ديواريءَ کي لا حد-اولده سان هڪ ڪري ڇڏي ٿي.

هيڪلائي ۽ چاندني، چپ چاپ
ڪجهه نه پڇي ڪائنات ويچاريو!

پڙهي ائين پيو لڳي گويا سوچ ۾ ٻڏل اُسيم ڪائنات جي سامهون بيٺا آهيون.

شاعر جيڪي اسانجي نظرن کان لڪايو آهي اُن کي ڳولي لهڻ ئي ته شعر جي حسن جي حاصلات آهي:

اَڌ ڀڪيل نِنَ هوس گرميءَ جي ڪري
رُتوڻي ويٺي ڇو ڏسي پهراڻ کي؟

ويچاري عورت جو جسم گرميءَ سبب اڌ ڀڪيل هجو يا قاتل پهراڻ جي ڪري؟

هو وهائو، رات راڻي، چندرما
ڇنا ٿيو سرهاڻ ڪني، چانڊاڻ کي؟

اسر جو رات راڻي گلن جي خوشبوءِ بند ٿي ويندي آهي ۽ چنڊ ڦڪو پئجي ويندو آهي. وهائو تارو (Morning Star) لڪرائدي رات جو رومانس ختم.

شيام پنهنجن تشبيهن کان مشهور آهي. سندس تشبيهون شعر جي سونهن لاءِ نه آهن ۽ هو انهن جي ذريعي ئي دل جي تارن کي ڇهي جهنڪار جي سوکيم لهرن جو آڀاس ڪرائي ٿو:

سندس گفتگو جڻ پراهون پڙاڏو
نگاهون اِئين، جاڻ پاڪر ۾ آئي!

هو پلڪن جو گهونگهٽ اڌ ورو ڪليل
ڪنواريون ٺهيون اڄ ڪنواريون اکيون!

پوئين بيت ۾ تشبيهه سان گڏ ڪنواريون (ڪنوار / ڪنواريءَ جو عدد جمع) لفظ ٻن معنائن ۾ ڪتب آيل آهي.

اِئين لڳي ٿو ته شيام فقط سونهن ۽ سڪ بابت ئي لکيو آهي. هڪ حساس شاعر پنهنجي يگ کان، پنهنجي ماحول کان پاڻ کي الڳ ڪري نه ٿو سگهي. يا زندگي ۽ موت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ڪڏهن سوچيو نه هجيس، اُنهن ۾ ممڪن نه آهي.
هيٺ ڏنل ڪجهه بيتن مان اِنهيءَ حقيقت جي اُصديق
ٿيندي:

ڪو ڪرڻ يا ڪونج ڪيرائيل آئي ٿيندو ڪڙو
ڪو ٻيو اُٺجي ڪٿان سگهندو ٻڌاوڻ جو سبب؟

هي زنده لفظ شيام انسر آسپاس جي
جُڙندي لفيس نظم انهن مان نه ڪا ڪڏهن؟

(عوام لاءِ زنده لفظ جو استعارو ۽ نظم جي ٻئي معنا غور
طلب آهن)

ياد لڙڪن جو ڪري هڪ هڪ ڦڙو
ڪٿان وساريان شيام نهڪن جو شمار؟

مرده ماڻهن جو هي ملڪ جتي ٻئي جا پُتلا
موت جي گهرائيءَ سان جيئرن لي هٿن مشڪن بيٺا!

ڪير ٻڌندو ضمير جو آواز
رڙهي لوڻ مٿان رڙي پيو پار!

هڏيون ۾ به خطري جو چتاءُ
هوڏي سخت ڪتي جي ذات!

(خطري جو چتاءُ ۾ هڏيون ۽ جنگ چاهيندڙن لاءِ ڪتي
جي ذات).

روشنيءَ لاءِ چِتا جي آگ
چمڪيو پيٽ ٻرڻ جو ٻاڪ!

(ٻاڪ ڪندڙن لاءِ نفرت)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيهن ڏني سج جي لالي ۾ رستن جي ڀر ڪان
ڀاڄا لڙن وڻن جي هيٺان اهڙي لڳي هوا!

ڪيو محفوظ قانون ڪيو مجبور قانون
بدا قانون ٽوڙڻ جي وڏڻ لاءِ واهه اِي ڪهڙي؟

جڏهن کان تنگ ٿي ڪلهه، ڪوهه ۾ ڪنهن ٻار کي اڇليو
تري پيو لاش اڄ، پر آتما هن جي ٻڏي ويئي!

خبر ناهي ته هي سنسار سچو آهه يا سايا
اُنهيءَ کي ٿي ڏسان جاڳي، اُنهيءَ کي ٿي ڏسي جاڳان!

آدميءَ هارايو ڏيو جڏهن ڏيهن ڪان
ٿي ميسّر روشني امڪان جي!

ته جي پيڙن تان هلندي ٿاٻڙيا هئا
ڪِريا چانئٽ تان گهر ۾ جئن گهڙيا هئا!

ٻهاريو ته مون ڪنڊن کي ٿي چانگهڻ لاءِ چمن ۾
مگر رنگ گلن جو ڏسي مون همت نه وڌايو!

زندگيءَ کي ته زندگيءَ وانگر
موت جي ٻانهي همت جي سگهندين!

سنڌ، سنڌو ۽ سنڌي دوستن جي سار وٽين جا ايمس
ٻئي سنڌس غزلن ۾ هتي هتي پکڙيا پيا آهن:

الائي ڪهڙي گهڙيءَ شيام ان مان اڪتاسين
وطن ورڻ ته چا سرحد ڏسڻ نصيب نه ٿي!

آلا، هي صاف آپ، اڌ رات جي خاموش چانڊوڪي
جو نوشهري ۾ ڏسندو هوس، هيءَ ٿي چندرما آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنگا، جمنا امرت ۽ امرت
ليڪن ڏنجَ نہ سنڌو آهي!
الا، اِئين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي
”نہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

وطن ڇڏڻ وقت اُن تي سمجهہ ڪندو ہ پاڻ کي ڪو ياد ليڪن
اياز، احسان، راز ۽ پارا کي قرب وارا اچا نہ آهن!
درد جي گهرائي ماپڻ لاءِ اچا نہ ڪو پيمانو ڪونهي.

جئن هر بيت هڪ مڪمل اڪائي هوندي بہ ڪنهن غزل جو هڪ جزو آهي تنهن سمورو شعر پاڻ ۾ پورو (Complete) هوندي بہ ڪنهن ”سڄي“ جو هڪ حصو ٿيو پاسجي.

هن مجموعي ۾ شيام پارسي وزن خواهہ ديسي ڇندن جو چڱو استعمال ڪيو آهي — لڳ ڀڳ چاليهہ وزن ۽ سورنهن ڇند. انهن کان سواءِ آهن رباعيءَ جي مخصوص وزن تي ڪي غزل. جهڙوڪ —

شاعر آهي شيام ڇپائون ڪنهن ڏينهن
مرڪي ٻڌهن تي ڪنهن وراڻيو هئو: ”ڪير؟“

وارو غزل.

هر فنڪار ڏيري ڏيري زندگي ۽ فن بابت پنهنجو هڪ اظهار جوڙيندو رهي ٿو جنهن جي هو پاڻ نہ وضاحت نہ ڪري يا نہ ڪري سگهي، پر سندس رچنائن مان ان جو آڀاس ضرور ٿئي ٿو. پڙهندڙ پاڻ پڙهي ان جو اندازو لڳائين.

٨-٣-١٩٨٨ — سندرنگاڻي ”خادم“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ا

مُنهنجي دنيا کي سڄڻين راهه لڳائڻ وارا
عمر خضريءَ جو ٿيا قدر گهٽائڻ وارا .

جن جو هر لفظ زماني کي ڪري زير و زبر
مُهر بر لب سي ٿيا صبر ڪمائڻ وارا .

ياد آيو سندءِ احسان تنهنجيءَ وارو
هوش آيو اٿم اي هوش ڀُلائڻ وارا !

مان نه ٽوڙائين نه دل ڏائين نهاري ٿو سگهان
جلوه گاه ناز جو هن دل کي بڻائڻ وارا !

ڏس، ڇڏائي نه وڃي صبر جو دامن مون کان
اي هٿن منهنجي مان دامن کي ڇڏائڻ وارا !

باهه پيي شيام جلائي نه سگهي ٿي ڪن کي
پر هئي بي شرر آهن کي جلائڻ وارا .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢

تصوّر ۾ مون جي ڏٺا روپ ڪهڙا
ڏسين ها، تون خود هرڪا هاري وهين ها!

اکين جي اکيان آهه اهڙو نظارو
نگاهن کان روپوش ٿي ساري دنيا!

خدا لڳي، صبا ڪر نه ڪا ڇيڙ ساڻن
گُلين اِڪ نه غنچا پريشان ٿيندا!

نگاهون نگاهون ٿي ڇيندڙ نگاهون،
ٻٽي حسن لاءِ صرف ڪنڊن جي سيجا!

رهن اڻ ٽڙيل شال غنچا اڃين ٿي
ٽڙڻ سان ڪندا پنهنجي گلشن کي رسوا!

ٻٽي حسن جيڪي سمايو اکين ۾
رهيو شيام دل ۾ ٿي دل جي تمنّا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽالي ٻڌڻ سان دل ڳائين ٽڙقي سگهي نه ها
وسريل هجين ها اکيون ڳائين چاڪي سگهي نه ها!

ٽارن سان تنهنجو ذڪر ڪيان ها نه جيڪڏهن
گذري نه رات ها ۽ سحر ٽي سگهي نه ها؟

ڳوڙها ڪي دردوند دلين جا هٿي ڳڙيا
هيءَ خاڪ ايترو نه ڪا چمڪي سگهي نه ها!

گلشن مڇهان ڪٽي به نه هٿ ۾ ڪنهن به گل
جهولي ڀرڻ گهرين ها نه ڀرجي سگهي نه ها؟

سنڌوءَ جي هاڪ مان اٿي سنڌو ڪٽي هاي
اُڀري نه ها هي لهر اٿين ٽي سگهي نه ها!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦوھه جواني چنچل ڌارا
روڪي سگهندا ڪئن ٻه ڪنارا؟

آخر ڪيئن اڏول رهي دل
وار لڏن هڻن ڪارا ڪارا!

تازي ڳل ۾ ماڪ جي نرمي
سُواس هي ڪنهنجا سُرها سارا؟

ڪارا نيڻ ٻه ڏاک جا داڻا
مد جا خواب لهن متوارا!

نرمل نيڻ ته لڙڪ ٻه نرمل،
پياري سار ۾ سوُر ٻه پيارا!

آهي ڪوئي سوُر ونڊي جو
آيا آهن سورن وارا!

سيني ۾ اُٿن لهرجون سنيارون
آڀ ۾ جئن اي شيام ستارا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

زندگي تي، زندگيءَ جي لاءِ محبت جو سبب
ذهن پنهنجو، پنهنجي دل، همٿ پنهنجو برڪت جو سبب!

ڪو ڪريل يا ڪوٺي ڪيرايل آڻي ٽيندو ڪڙو،
ڪو اُپو ٻڌجي ڪٿان سگهندو بغاوت جو سبب؟

هرڪو گڏ وينو اچي جيسين نه ديوارون هيون
چار ديواري ٻڻي محدود صحبت جو سبب!

هڪ جي مظلومي ڏسي ڪهڪاءُ اُڀريو ڪيترو
پر ٻڌيو چاڪاڻ سو ڪڏهن ٿئي ڪان نفرت جو سبب؟

نيڻ مون کولي رکيا سنسار جي جنسار لاءِ
ذهن لاءِ هر ديد ٻڌجي پيئي عبرت جو سبب!

شيام جوڙيان شعر گل جي سونهن ۽ سرهاڻ جا
ڇو نه تنهن ڪان ٿي پوان خود ان نزاڪت جو سبب؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦

هيڏو روشن هجر جي رات
ڪير ڏسيندو راز جي بات!

ڪوئل ڪاري ڪارا نيڻ
لکين، لکين، چڻ منٺڙي لات!

آهي عشق اها شطرنج
جنهن ۾ جيت به آهي مات!

ناحق موت ٿيو بدنام
سچ پچ ڪنهن ماريو نه حيات!

وڻ لڏي اولڏھ، ڏئي ٿي ساک،
ٿيندي ڇاڻ اجهو پرڀات!

آس جهاڪ اِئن ڏيکاري
ڪوئي پار ڪري جئن هاٿ!

جيون منهنجو، منهنجو ساز
منهنجا گيت هي ڏينهن ۽ رات!

ڪيڏا ڪئن نه لڳن اي شيام
آهه گلاب جو ڦول حيات!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧

صبر خاموشي ڪرڻان ڪئن اختيار
اڄ تيڻ ڏني تي ڪتي دل بيقرار!

ٻون ڏنو جن جو نہ چھرو هو ڪڏهن
ٻن جو سوچيندي اکيون ٿيون اشڪبار!

چاهي، دشمن ٿي مصيبت پر نہ آهہ
پر مڃي دل جو الوڪو اعتبار!

چاڙ پر گل جي رهاڻ باقي گهڙيون
گهاءُ جو دل پر چڙي ويو آهہ خار!

ياد لڙڪن جو ڪري هڪ هڪ ڦڙو
ڪئن وساريان شيام تهڪن جو شمار؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٨

هميشھ بخت جي در تي اميدوار ٿو ڏس
سواءِ قول ۽ اقرار انتظار ٿو ڏسن !

پريئہ بلوري پيالي ۾ باده، اي ساقي ؟
پيالو پنهنجو ٿو ڏس ۽ لب نگار ٿو ڏس !

اُٿي ٻ مٿو نہ مٿي ڪڻ، ڪرڻ اهڙا پيو
قدم صنم جا ٿو ڏس پنهنجي سر جو بار ٿو ڏس!

گلن ۾ جيڪي ٽُريا هاڻ ٿي هئا هلڪا
ڏسڻ ٿو بار ٿيا، جڳ جو ڦير ڦار ٿو ڏس!

الهيءَ ڪان اڳ جو لڳائين ٽري جو اندازو
جواهرن جڙي هر لهر جي ڪنار ٿو ڏس!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٩

رهي پتنگ جلائڻ جي شمع کي ٿي هوس
نه ڪي ٻه دل ۾ آتش، سڀ زبان لئي ٿي آتش!

پلي هما جو سَپر پَر ۽ مک جو پَر آپرو
مگر ٻنهي کي رهي ٿي مٿي اُڏڻ جي هَوس!

سنوار زندگي پنهنجي گهڻيءَ جو گهٽ نه ٻڌاءِ
مرڻ جي واسطي آئا، مرڻ نه پنهنجي وس!

اُڏامندي ته پکي ڪونه جار ۾ ڦاٿو
سميٽي پَر ڪٿي ويٺو لڌو هن ٿي پيد پيَس!

نه چنڊ گود ۾ آيو نه ڪو ستارو، مگر
ٻنهي زمين جي ممتا کي پيالو اوس!

گلن پٽيندي چڀيم خار، هن کي کهل پئي
ڪنيائين سيلهه ۽ کونئي پڇائين: هاڻ ته بس؟

هتي نگاه محبت نگاه پهرين شيام
نگاه اِي جا هتي سا هتي نگاه هوس!

١٠

لوڪ جي اکين کان لڪائي تنهنجو نت پوڄن ڪندس
موڙيءَ تنهنجي مان من مندر ۾ استاپن ڪندس!

تون ته پاڻ ۾ رهئين ڇپتن هٽي پراڻن بدا،
تنهنجي نوراني نظر سان هانو کي روشن ڪندس!

شام ٽائين قول ٿي تون منهنجي لاءِ ڪانڌو رهئين
صبح ٽائين ماڪ ٿي مان تنهنجي لاءِ رودن ڪندس!

گيان اهڙو ناهه ڪو "ليلاوليءَ" ۾ ڀي لکيل
تنهنجي نورن جو پلارا ڪئن ڀلا ورڻن ڪندس؟

ڀاڳهي ڀڳتي بياتيءَ جي سا پولي آهه جي
بس، اکيان درپن رکي پنهنجو ٿي آراڌن ڪندس!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١

دنيا سان رکي ثابت لاڳو
وهم لسورو آهه ٺياڳو!

اٿ، ڪجهه ڪر، اٿن ڪٿي نه ويهه
ڏکن سکن جو هيءَ ڪٺراڳو!

آهه ٻهڻ تي جهوڙو نظام
ٿهي رهبو هن يڳ جو ڀاڳو!

اکڙيون چنچڪن تارا هاڻ
نند مدجهان ٿي راس سڀاڳو!

نقش قدم يا روشن ديپ
چال سندء يا ديپڪ راڳو!

دل جو ڪوليو حال نگاهه
ظاهر جنين آلاپ مان راڳو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنج جي قرب ۾ نه اچي ڇا، ڪيئن ڪمال؟
جي اڄ هجيئي ها نه اچڻ هو گهٽو محال!

دنيا ۾ ٻي قرار ڪوئي، در بدر ڪوئي،
هڪ خواب آهه، سک ٿي سمجهڻ جو هتي خيال!

آيو تڏهن نه موت، اچي هاڻ ڇا ڪندو،
مشڪل اڳي جيئڻ هو ۽ هاڻي مرڻ محال!

سج اڀرندي ٿي ذات جي اونده نه ختم ٿي،
گهٽ آهه روشني سو نه آهي الڳ سوال!

هڪ اڻ ڏٺل خوشيءَ جي امانت اٿم اهي
ڳوڙهن ۾ منهنجي ڳول نه تون رنج يا ملال!

آيو ڪٿان، هر ڪير ۽ ڪيڏانهن شيام ويو
ڪنهن کي ڏسي حيات ٻڌي منتظر سوال؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهان ٿو دوُر نہ ڇاهي اُلي وسي ٿي دل
ٿيو ملڻ کان ٻہ وڇڙڻ گهڻو گهڻو مشڪل !

ڪٿي نصيب، ٿيان ٻـا ڪمال خوُبين ۾
اڃا هي ڏک نہ نہ خامين ۾ ٻڻ رهيس ڪامل !

رکي نگاهہ ۾ نڪتس مگر ٻڌايـان ڇـا
وڃائجي وئي وچ راهہ ۾ مون کان منزل !

چڙهيو هو اڄ نڪو طوفان ، رخ مٽيو غوراب
نظر نہ هاڻ اچي دوُر ڏاڍين تو ساحل !

وڪوُن وڌايسين جي ڏن جو ڪرڻ ڇو شيام شمار
اڃا نہ آهہ اسانجي پڄي پري منزل !



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ سنڌ سورن کي جاڳائي ڏنم
ڪنهن کي ساري دل کي ٽڙڦائي ڏنم!

پيار ماڻهن سان گھڻو پاتي ڏنم
عمر پر ماڻهوءَ لاءِ واجھائي ڏنم!

جڳ، نہ سمجھي ٿو ڪي، جڳ، کي ٿو نہ سمجھہ
عشق کي سؤوار سمجھائي ڏنم!

پنھنجي ڪمزوريءَ لئي لڄ آهس نہ ڪا
ڪيترو ئي دل کي شرمائي ڏنم!

روشنيءَ سان ٻڪ مليو پر جي فقط
هٿ کڻي آڀ ڏانهن ٻاڏائي ڏنم!

ڪنهن طرح ڦاٿي نہ لڇڻي زندگي
دام منطق جو نہ ڦهلائي ڏنم!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳڻ کان پوءِ دل نه پوي اضطراب ۾
هن سان مُتان، او ننڊ، ملائيندم خواب ۾!

باقي بهار آهه رهيو ڏينهن ڪيترا،
ڏس ٻنڪڙيون اڃيون به ڪي آهن گلاب ۾؟

هٿ ۾ ڪليل ڪتاب ۽ سامهون ڪليل دري
تنهنجي نظر ۾ ڇا هو ۽ ڇا هو ڪتاب ۾؟

گل ڏانهن گهوري مون ٿي ڏٺو گل ٻڻ جو خواب،
يا پاڻ گل ٿي شيام ٻڻ جي هو خواب ۾؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال دل ڪولي زبان سان ٻڌايان ڪيئن مان
ڀنڪڙي هڪ آئي ڪٽي آڳ لڳايان ڪيئن مان؟

ڪڏهن جيڏانهن نظر هام جهڙم ڏسجي،
نُور جنت جا هتي ويهي ٻڌايان ڪيئن مان؟

جن ڏسي ڪيس، اکيون بعد ڪيون هيئن آهن
سڌ ڏئي چؤ ته سجدن لئه قٽايان ڪيئن مان؟

تو ٽٽي صبح مگر هي نه اجا خواب ۾،
چشم نرگس کي حقيقت ۾ پسايان ڪيئن مان؟

اڃتي دڳ، لاٽو آهيم هزارن کي ڌاڙي
راهه منزل تي مڙي پير هٽايان ڪيئن مان؟

زندگيءَ جون ڪي گهڙيون ڳاڻ ڳڻيون هاڻ رهيون
تون ٿي چؤ ٿن کي نه ڳالهين ۾ وڃايان ڪيئن مان؟

دل نه احساس کان خالي، نه ڪمي گهٽن جي
ساز ناساز ٿئي ڳايان ۽ نه ڳايان ڪيئن مان؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧

ڪهڙي دنيا ٻُڌيءَ جي ڳالهه ڪريون
اُگهه اکيون، کل خوشيءَ جي ڳالهه ڪريون!

موت لئي روئبو بس بس هاڻي
مرڪندڙ زندگيءَ جي ڳالهه ڪريون!

آهي ڪاراڻ پڻ منجهس، ليڪن
چنڊ جي چانڊوڪيءَ جي ڳالهه ڪريون!

ختم اونده جون ڪر اهي ڳالهيون
اڄ نئين ڪا روشنيءَ جي ڳالهه ڪريون!

گل ڪماڻا ڪٽي ته پوءِ چاهي،
ويهه ٽڙندڙ ڪليءَ جي ڳالهه ڪريون!

بس خوشي اڄ جي، ٽهڪ پڻ اڄ جا
هن گهڙيءَ هن گهڙيءَ جي ڳالهه ڪريون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موج طوفانيءَ مٿان ڪشتيءَ ڪڏايون ٿا اسين
موت سان ٻاڙي هڏي شرطون ٻڌايون ٿا اسين!

اڳيرو ٿي راهه خود ڏيکاري منزل جو نشان،
وقت جي رفتار سان گڏ وک وڌايون ٿا اسين!

ڇو خزان جو غم ڪندا سي آهه جن ماڻيو بهار
اڄ گلن جي مرڪ ساري مسڪرايون ٿا اسين!

هر تصوّر کي ڪريون ٿا خوشنما صورت عطا
خواب کي مرڪز نگاهن جو بڻايون ٿا اسين!

ڪاله جي گيتن واسطي ڪاله جا ٿي سُر ۽ ساز هئا
”اڄ نوان نغما نون سازن تي ڳايون ٿا اسين!“

هون ته ڪا پنهنجي دل کي ٻئي پنهنجو نه ٿي سمجهو انسان -
شيام اڄ هر دل کي دل پنهنجي ٿي ڀانيون ٿا اسين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي گهريون گهريون ؟ ڪاريون اکيون
سُهڻيءَ راتِ جنهن ڇا ته پياريون اکيون!

ڪڏهن ڏس نه پنهنجن کان پنهنجون گهٽو
ڪڏهن چڙ نه ڏارن کان ڏاريون اکيون!

شرارت نه بس ڪوئي ڪالهه سڀڪي
لنگهڻ ڪي لڳن ٿيون لڄاريون اکيون!

محبت مٿان وس نه ڪنهنجو هلي
لماٽيون اٽيون ماڻ واريون اکيون!

هوءَ پاڪن جو گهونگهٽ اڏورو ڪليل،
ڪنواريون لڳن اڄ ڪنواريون اکيون!

نگاهون نگاهن ۾ رهجي ويون
جهڪي جهٽ ويون مرم ماريون اکيون!

مٺا جواب سي ٿي ڏسن شيام، جن
اکين ۾ پنرينءَ جون وهاڙيون اکيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٠

گلزار ۾ هي گل جون اکيون شبنمي ڏسان!
بلبل چمن کان دور، آلاپ ٽڙ ڦندي ڏسان!

ٿر جون پٽون ٻري ۽ ٻري سنڌ جون پٽون
اڄ ٻاڻ وٽ ڪو شاهه نه ڪا ماروئي ڏسان!

مون لکيا ڪٿيا سدا جي ٿين هي ڪڏون ڪُٻا
فرصت ڏئي زمين نه آپي ڏانهن پئي ڏسان!

سپنن جون سنڌ زون ۽ کهاڻين جون ڪامڻيون
سچ پچ ڪا جاڳندي ۾ جهلڪ حسن جي ڏسان!

لوڏانهن هتن ٽڪيان پيو ناراض ٿين مٿان
مان ٻاڻ کي تو تنهنجي اکين ۾ ڏسي ڏسان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٢١

ٻاڻ ٿي حال ٻڌائڻ لءِ هٿين آنُو اهڙو
خوش ٿئين ها ٻڌي سمجھو هيو ڇا تو اهڙو؟

ذڪر تنهنجو جي ٿئي منهنجو ٻه ڳڻ تان ۾ ڪٿان
لاهي دل تان ٿي ڇڏيم تنهنجو ته ناتو اهڙو!

اڳ، ڪڏهن ڇاتو ۾ سپنن جي سمجهيو هوس نه مان
ساهه سپنن ۾ آڙيو نيڻهن سچاتو اهڙو!

خواب ۾ ٻڻ ڪلي ڪلمدو نه ڏنو مون توکي
ڪوني "ترانچ" تو لقب ڪٿان مولکي لاتو اهڙو؟

قول ڪان سرس ڇٽو، سرس لڪل خوشبو ڪان
اڪ، ڏنو توکي اٿين دل ۾ ته ڇاتو اهڙو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مُڙيا بادل هُوَ ڪارا، ڇا ٿيو؟
پل وهائي برق آرا، ڇا ٿيو؟

نوجواني ۾ ٻ جي طوفان ڪيان
هن طرح ڳولي ڪنارا، ڇا ٿيو!

جي حقيقت کان اکيون ٻوٽي ڏنءِ
خوب خوابن جا نظارا، ڇا ٿيو؟

زندگيءَ کي روشنيءَ جي آهه لوڙ
آپ منجهان لاٽءَ جي تارا، ڇا ٿيو؟

جا اٿل کائي ڪري ٻيٽيون اجاڙ
نل هجي گنگا جي ڌارا، ڇا ٿيو؟

وک کڻي اُڙيا سمنڊ ميرا ٿين
سو ڪري منزل اشارا، ڇا ٿيو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٢٣

ٻن ٽڙن جي ڏال ٿي هو ڏرانو ٻهار جو
ڳوڙها ڦڙا ۽ آيو زمانو ٻهار جو!

هر جا ڄڻ جي شرق جو دلڪش ظهور آهه
هوائين جو شور ڳاتو ٻڄاتو ٻهار جو!

رنگين جذبا دل ۾، اکين ۾ حسين خواب،
مکڙيءَ جا ڏيکن پاڻ ۾ زمانو ٻهار جو!

گيندا ڪٿي گلاب ۽ مُکرا ڪٿي ٽڙيا
اک، اک جي پهچ ۾ آ خزانو ٻهار جو!

ڪهڙو نگهت هٽايو حسن ٺهيو عشق ٿي پيو
هڪ ٿي مليو ٻنهي کي ٻهانو ٻهار جو!

احساس رنگ و بوءِ جون سلامت لطافتون.
ناهي فقط ٻهار زمانو ٻهار جو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر قدم اهڙي طرح اڳتي وڌائيندا هلو
نوجوانو، بس وڏن جا وڻ وڃائيندا هلو!

دشمنيءَ سان ڇا اوهان جو دوست هر ڪنهن جا ٻڻو،
جي ٻڻ چاهي ڪوئي دشمن ٻڻائيندا هلو!

جن نه ٽڙڪڻ جو مزو ماڻيو، سُکي ٽر ۾ رهيون،
تن سُتل لهرن کي نئي طوفان ٻڻائيندا هلو!

هر قدم آهي اوهان جو ڄڻ بهارن جو قدم
”ابڙن ۾ باغ جي رنگت رچائيندا هلو!“

پنهنجي همت سان بدلائي هيئر جهونو نظام
شيام دنيا ۾ نئين دنيا وسائيندا هلو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٥

هُيو ٻولر آيو نہ سالگانئو
نڙيل گل هيو چا نہ زيبانئو!

سُبهري ستارن جون ساکون ٻرين
سنڀالج ڪجڻ ڪم نہ جوکائتو!

مِٺين سان مُٺيندڙن محبت گهٽي،
اهو ماڻ ٻيي ناهہ ڪارائتو!

ڪنول جي وني اوت مرڪي ٿو ڪير
ٻکي ٻاڪ، ۾ کهڙو قربانئو؟

مِٺيءَ جان سباجهي لڳي ٿي هوا،
مزو ٿئي اڄين ٿون ۾ سالگانئو!

ٻرين، جنين ٻرو ڙيو مون ٿنڍهڙو سياءَ
سَرٻوَ جيءَ کي سک ۾ سيبانئو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٦

بي سُود بهار آهه، ـــ جي جامِ شراب آهه
مطلب نه ڪو جلوي جو، ڏسڻ جو نه جي تاب آهه!

جهُولي ٿي صبا مست ٿي بلبل به لنوي لاٽ،
مکڙيءَ نه اچا لاٿو ٿي منهن تان نه نقاب آهه!

راليون هي وڇوڙي جون، نه ڏس چمن نه گُهم باغ،
سڀ، منهنجو چوڻ مڃ نه، نه تو لاءِ خراب آهه!

انجام ڏنئون گل جو مگر پوءِ به ٽڙن هيئن،
غنچن کي به ڪٿي ڏوهه، ڏجي ليڪ شباب آهه!

ڪنڌن ڪان ڇڏائڻ لاءِ ڇڪيو پنهنجو پَلو شيام
پن پن ٿي ڇڻي هيٺ ڪريو ڦُول گلاب آهه!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٧

بلبل کي بس اهو ئي اچا انتظار آهي
آيو نه آئي جهڙو چمن ۾ بهار آهي!

زاهد! اڃان اُهڙو نه ٿي باغ عيش ۾
گلزار کان نفيس هتي خارزار آهي!

لوڏي هندورو شاخ جو ٿي باغ ۾ صبا
غنچي ۾ آهي ڦول کي نچڻ ۾ پار آهي؟

ڪوڙن ۾ قيد جسم ۽ ڦٽڪي پڙن ۾ دل،
سک جسم کي نه آهي نه دل کي قرار آهي!

امڪان ۾ آنندو عيش ۽ سرور وجود ۾
دک، سک لئي ٿي اسانجي جڳ جو مدار آهي!

هوريان هندورو هاڻ جو اي شيام پيو لڏي
جاڳڻ لئي زندگيءَ جي نه ڪو اعتبار آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٢٨

ڀڄان ٿو دور دنيا کان جو چاهيان ٿو نہ ڏٺائي
اچي جي هٿ اڪيلائي، اڪيلائي وڃي جائي!

وسارڻ جي وڃي وسري ستائي ياد ڇو ايڏو،
وساريم هن کي جنهن جنهن تي سندس تنهن تنهن تي ياد آئي!

هُيا ننڍا ڪڙا تارا، هيو سنسار سپني ۾،
اِٿين پاسو ورائي هال ۾ جاڳي اداسائي!

هزارين حسن جا جلوا اٿهن مان پيا ليا پائن
مگر پل مان ٿي ڪنهن لڙڪن ڏي هيڪر اک نہ ڦيرائي!

خزان ۾ پڻ بهارن جي نہ وئي دل منجهان رنگت،
اٿس لالاڻ لالا زار جي ڇا شام ڇورائي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اظهار و لاجواب آهي، برابر لاجواب آهي
اکين کي ڇا کپي، جن کي ڏسڻ جو ئي نه تاب آهي؟

حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن کي ڪٿي ويساند حاصل ٿي،
حياتي انقلاب آهي - مسلسل انقلاب آهي!

ٿيو هي ڇا، ڪڏهن، ڇو، ڪٿان، ڪٿي ڪجهه، غور ڪر تون ئي،
جو هر ايجاد تان مان ڪيهن نه ڪنهن هڪ جو جواب آهي!

اڃا اکڙين ۾ تنهنجي رات جي سپنن ڀري ڇايا،
سنهري صبح ٻي ڄڻ جاڳندي جو ڪوئي خواب آهي!

خوشي ۽ رنج تنهنجي جي خبر ڪهڙي پوي ڪنهن کي
نه منهن ۾ مرڪ آهي ڪا، نه اک ۾ شرم آب آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٣٠

آرزوءِ ڪمال ڪير ڪري
ماهه ڪامل مثال ڪير ڪري؟

زندگي زندگي ٻٽائي فراق،
آرزوءِ وصال ڪير ڪري؟

آهي سڀ خواب جي ٿي رنگيني
پر ٻه اهڙو خيال ڪير ڪري؟

هرڪو ڏسندي ٽير سراپا ديد
ڪير سوچي خيال ڪير ڪري؟

جي ٽڪا ٻير انڪري ويهي
جستجوءَ پائمال ڪير ڪري؟

هن جي در تائين شيام پهتاسين
ڳالهه آهي سوال ڪير ڪري؟

جيڪو آيو اچي سو ويئو شيام
ويو پاسي ٻه خال ڪير ڪري؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣١

ادا شوخ چنچل معطّر بدن جي
وڙاڪا ڏٺي صحن ۾ بوُ چمن جي!

سندس عضوو عضوو نزاڪت
لڳي ڪايا مومل جي، مالا گلن جي!

ونس رنگ، رس روپ ۽ واس سڀڪي
ڪليءَ جي چپن تي ٿي دولت چمن جي!

چپن تي هُيو ذڪر جنهن جي اکين جو
اکين ۾ هئي پياس تنهن جي چپن جي!

گل افشان ٿي شيام مشهور ناهي،
پري ڪيترو ويندي خوشبو گلن جي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وعدي جي رات وئي ٻاءِ ٻاڪ اندر ڪٽي
عمر ٻيو وصل جي اُمّيد ۾ سا وڃڻ ڪٽي!

خالي خالي ٿو لڳي ڏيهن، اڄڙ رات لڳي
منهنجي يار ۾ اچي ويٺو ٿي هٿين ڏيڻ گهٽي!

چمڪندو ڏسجي چيز ٿي ٿو وهاڻو تارو
هجر جي رات ڪٽي ڪيئن مون ڄاڻي ٿو ڪٽي!

عشق جي غم جو فقط ٻار ٿي ٻاري لاهي
حسن جو لچڪي بدن ٻار نزاڪت جو ڪٽي!

چاچي رعنائي، هجي ها نہ اگر نہ لڳيندي
گل ٻڌا ماڪ ۾ چا ڪڏهن ڪي ڪڏهن شبنم وٽي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳۳

پاڻ انڪار ڪرين، زور ڀرين پاڻ پٽي
جيڪڏهن چاهين نہ ٿي اٿن ڏسين ڇاڪاڻ پٽي؟

درد ٻيچين ڪٿي لوڪ جي لڄ ڪان نہ ڪُڇي
دل ۾ ڇا سمجهہ ٻريءَ سولهن جي ڇڪتاڻ پٽي!

مون نہ ٿي سمجهوتہ ڪا ايڏي اٿم دل توسان
مون ڇپو رَس نہ پلي رُس ڪا اٿم ڪاڻ پٽي!

بس ملاقات جي ڏينهن جي ۽ ٿي شام اچي
وقت ڇا کي ٿيا چون جاڻ اهڙا هاڻ پٽي!

زندگي ٿهڪ نہ پر شيام، تنولي آهي
اڳي سوچيندو هُئس هاڻ مگر جاڻ پٽي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽاريءَ تي گل، گل تي شبنم، شبنم تي چالبوڪي
جيسين چنڊس سار ٻنڌس پيو راحت اها ڪاڪوڙڪي!

روپا ٻل ۽ ٻر ڏريا جي، گولڇيا گيت فضا ۾
سونهن سنيهه جي ڇا ڏ الوکي محفل سا رالوڪي!

هيٺ اکيون ۽ پيشانيءَ تي اوجل اوجل ٻولڊون
ون جي ڪڙ ڪڙ ٻيءِ جونئن جي ڇا ڇدليتا روڪي؟

ٿون ته ٿه آئين ٻر اڄ ٿنڀجو سپنو ٻه ته آيو، ڇو،
راهه سندس ڪنهن روڪي يا ڪنهن ڪيس نه سمجهايو ڪي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳۵

ساراهہ ڪريان راهزنيءَ جي ڇا عطا جي
خدمت تو سر انجام ڏيان راهنما جي!

ڪامل نہ گناهن ۾ نہ تقوا ۾ مڪمّل
افسوس، ملي ٻهشت نہ شيطان نہ خدا جي!

اِڪ لڙڪ پنل، ڀنهن تي مگر مرڪ سان آيا
ٽهڪ ٻاجي گلن لاءِ هُئي شبنم ۽ صبا جي!

آزي نہ ڪر اي عيش، مليئي سو وٺي پيءُ
جٺن گل جي ڪٽوري نہ ٽٽي جهڙي گدا جي!

ڇنڪاڻو پرينءَ ڇهري تي چٽ شيام گلاب آهہ
ڏس حسن جي دريا ۾ اُٿي لهر حيا جي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خلوصِ شوق رکي ڪر نہ جستجوُ گل جي
ڪٽي وڃيڻي نہ گل ڏانئين پاڻ بوُ گل جي!

خميدگي ڇا تبسّم جي آھہ اُبرن ۾
نگھہ نگھہ مان بخوبي بکي نموُ گل جي!

ھجي ھا رنگ تصوّر جو پڻ نہ شامل جي
ڪري نہ ھا ڪوئي دنيا ۾ آرزو گل جي!

اگرچہ ٻولـ جي لاءِ بيقرار آھي گل
مگر ڪندو نہ ڪندو ٻولر جستجوُ گل جي!

خوشيءَ مان مٿھن نہ پٽياڻين مگر پٽيو ٿي رھيو
چمن ۾ ٿي نہ سگھي ڪاب گفتگوُ گل جي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣٧

دل ھڻن ملول ڇا لءِ ڀلا پاڻهجي ٻڌي
محفل ۾ اڳي ڪان سرس سوا پاڻهجي ٻڌي؟

هر شخص ڏس ڪٿي پيو ڪڍڻ بُسمت سُست ساھ
شايد مرڻ ۾ دير ذرا پاڻهجي ٻڌي!

جهڙا ۽ جاڳندا ڪٿين مُردا ڦرن پيا
دنيا تہ آهہ سرد چِتا پاڻهجي ٻڌي!

انسان جو هي خون وهي پيل اڃا وهي
سُرخيءَ جي لوڙ جڳ ۾ ڪي اڃا پاڻهجي ٻڌي!

ڇا زلزلن جا خوف پريا پيا اڄهن ڏڪاءُ
نڪر ۾ زندگي سان فدا پاڻهجي ٻڌي!

ڪو چنڊ ۾ نہ تارو نہ گهٽ سڄ جي تاءُ ۾
بدليل زمين جي بہ هوا پاڻهجي ٻڌي!

ڪيڏي نہ ٿي رهي پوءِ بہ ڪيڏي نہ تند تيز
ڇا چال انقلاب جي ڇا پاڻهجي ٻڌي!

ٿر لدي ٿہ لفظ لفظ جي معنا ڦري وئي
ساڳي ٿي ڳالھ ڳالھ جدا پاڻهجي ٻڌي!

گدريل ڄڀن جي چالو پيل آهي اڄ تہ شيام
هر ڳالھ ڇڙڪ ڏند ڪتا پاڻهجي ٻڌي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئي چڙڪي، ڪاوڙ جي جهٽ مسڪرائي
ڪٿي ڪنهن هيس پيو لڳي ڪٽڪٽائي!

اُڏاڻس ٽي عرشين تو اڪ، جنهن ملائي،
مگر سا گهڙي، تو نظر جنهن جهڪائي!

وڇوڙي ۾ ڀوڙين نظر جون سنڀارون،
ڪڏهن جي ڪٿي ڳالهه اڄ ياد آئي!

انهيءَ آءُ آدر ڪي ڪٿن پيار سمجهان،
ڪٿي هاڻ ڪاوڙ اَجائي سڄائي؟

هُيُر غم ۾ ڪو حال محرم ۾ ڪونهي،
مگر حسن تنهنجي جي هيءَ هيڪلائي!

محبت ڪي چالو ۾ عشرت ڪي جالو،
ڏنو ڪنهن ۾ اڪ، هوءَ هٿي ڪٿن لڄائي!

ڪُليو ڪنهنجي چاهت ۾ ڳجهه زندگيءَ جو
سڏيون جنهنڪي پنهنجي سا آهي پرائي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڻ کي هئي شمع هڪڙي وساڻي
اُجهاڻي سڄي زندگاني اُجهاڻي!

الا، پيڙ لڙڪن لڪائڻ جي ڪيڏي
جُهري جندڙي ۽ ليڄي دل تي ساڻي!

اڃا مٺيرو غم جي ڪنڊن جون لوڪون
خوشي ٻڻجي خوشبوءِ گهڻو ئي اُڏاڻي!

مٺي مرڪ لنهدجي رهاڻين جي وچ ۾
سمنڊ سوچ جي سُر جي مون موج ماڻي!

ڪُليو جتن ڪنول ۽ ڀونر لڪتو اُڏامي
ڦٽي ٻاڪ، ۽ راٻڙي ٻڻ وڻاڻي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ٤٠

برق سان پنهنجو قدم دوست! ملائين نہ مڃانءِ
آسمان تي چڙهي ڏاک جمائين نہ مڃانءِ!

جهونو سڄ چنڊ ۽ تارن جو نظام آهہ فريب
ڏينهن ۽ رات جو تون فرق مٽائين نہ مڃانءِ!

جن جي گردش کان نصيبن جون وساڻيون شمعون،
پنهنجي پيرن ۾ ستارن کي جهڪائين نہ مڃانءِ!

پيڙي انسان کي انسان هيءَ اولاد بہ نہ ڏس
ڪنهن طرح شمع مساوات جلائين نہ مڃانءِ!

آهہ چيني ڪوئي روسي نہ ڪوئي امريڪي
آدمي زاد کي انسان بڻائين نہ مڃانءِ!

پاڻ کان پاڻ ڍڪيءَ پردو وجهي ڏاهپ جو
ڪنهن طرح پردي کي وچ مان جي هٽائين نہ مڃانءِ!

جنهن کي خود موت پڙي مست ٿي جهومي ۽ لڏي
زندگيءَ جي سا مندر راڳڻي ڳائين نہ مڃانءِ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣١

اڙيا اڙڪ معنا خوشي ناهه ڇا،
خوشيءَ ڪان ڪڏهن اڪ، پئي ناهه ڇا؟

نه جي چنڊ اُڀريو ته ڇا ٿي پيو
ستارن ۾ ڪا روشني ناهه ڇا؟

اجا ڪائين دل ۾ نه جاڳي اُميد
اکين ٻاڪ، ڦٽندي ڏٺي ناهه ڇا؟

ٻُرن جو ڇو آئندو هوندو نه ڪو،
چڱن ڪان وڏو وقت ٿي ناهه ڇا؟

مُڪل قوم ۾ روح ڦوڪي ڇڏي
مرڻ ڪنهن جو اٿن، زندگي ناهه ڇا؟

ڪِري پَت ٻوڙ تي ٻه، وقتي زمين
اُٺڻ لهه سهارو ٻڻي ناهه ڇا؟

پيريل شهام ڪيڏو نه سر ۾ خمار
تون ٿي ڇو خردي بيخودي ناهه ڇا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٤٢

رڳو پير ڪڻ، ڳس ۾ ڇارا گهڻا
نه دل لاهه پانڌي، سهارا گهڻا!

اُجالو اونداري جو دامن ڀري
جئين رات ڪاري ستارا گهڻا!

ڏٺي پَت پيا ڦُل ڀراٽا، مگر
نوان ڏس ڪڙا ٿيا مدارا گهڻا!

گهڻن ساڻ گهارڻ نه لهرن ۾ آءُ
آتي، ورنه اي دل، ڪنارا گهڻا!

نظر سُر جهلا ٿو نه هڪ ٻئي جي ٿي
جي سُر ۾ اکين جا دوتارا، گهڻا؟

هنڌ جيڪي چاهين ڇڏي ڏي ڪُلي
ڪيئه شيام مبهم اشارا گهڻا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٤٣

اوھان جي دور منزل ۾ اڳيان آھن ھلڻ وارا
ملڻ دشوار، تارن جي جھروڪن مان تڪڻ وارا!

اندھيرو ٿي نه جڳ ۾ آھه رکوالو اُجالي جو
اڙي او صبح کان ٿي رات جي جھوريءَ جھڄڻ وارا!

سڏين ٿو ڪهڪشان جنھن کي سو رستي جو غبار آھي
ڏسيندا دڳ، وڃن منزل جو ڏي وڌڻ وارا!

زماني کي ڪيو پابند تنھنجيءَ تيز رفتاريءَ
اُفق جان دور ٿي ويندا ھڄي ويھي رھڻ وارا!

ستارن تي نه پھتيو پاڻ جو پنڇي مگر وه واه
اندھيري دام ۾ ھڻن چمڪندڙ چوڳو رکڻ وارا!

اجل ڏوليندي ٻن کي ڪينڪي پاڻي سگھيو ھرگز
ھتا بس زندگيءَ ۾ غرق ڪجھه اُن ٿي جيئڻ وارا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڻ نظرن ڪان لڪائڻ وارا
آءُ نيڻن ۾ سمائڻ وارا!

روح سان راس رچائڻ وارا
آءُ ليڻن کي ٻڪائڻ وارا!

ديد دعوت ۽ خوشي حجّت
نہ سڏائي ۽ سڏائڻ وارا!

تون ٿي ڇو ٿا نہ لڪايو مون کان،
دل جو احوال ٻڌائڻ وارا!

صدقي ، اُن ريت ورائي نہ نهار
اُٿن او مجبور چوائڻ وارا!

پنهنجي ديواني جواني نہ سنڀال
مرڪي مرڪي ۽ نٽائڻ وارا!

ڏينهن ڪيڏا نہ ٿيا اڄ وڇڙي
ياد آئين ڇو ٻلائڻ وارا؟

ٻُونءَ جا چپ ۽ ڦٽي پيا آهن
مينهن سمنڊن تي وسائڻ وارا!

روح منهنجو ۽ الله ٻري ۾ رُلي
جوت تارن جي جلائڻ وارا!

ايڏو گهير ٿي ڪنهن تو ڳالهو
لوچ لُنءَ لُنءَ ۾ لڳائڻ وارا!

سر ڏئي مان نہ ٻٽيس راءِ ڏياچ
ڇا نہ ڳالهو ٻڌي ڳائڻ وارا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه وڃائن ٿا، ٿا پائڻ وارا
ڇا نه پائن ٿا وڃائڻ وارا؟

ٿي رهيا عشق ۾ موڳا موڳا
رنگ محفل ۾ ڄمائڻ وارا!

نيڻهن کي سُونهن سريکو نه ٻڌاءِ،
سونهن وٽ نيڻهن پڇائڻ وارا!

سنگدل کي ٻه رئاري وڃين،
روئي احوال ٻڌائڻ وارا!

ٻار راحت جو نه ڪو ڪو ڪٽندو
قصّو سوُرن جو سڻائڻ وارا!

ثابتي ماڪ نه تر دامن جي
گل ٿي الزام لڳائڻ وارا!

ٻوٽو ٻاريئه نه ته کهڙو ٻاريئه
آڳ گل ساڻ لڳائڻ وارا!

روئو رئندين ته ڏسي ڇا سگهندين
نوُر نيڻن جو گنوائڻ وارا!

اڳيرو ٻاڻ نه دنيا ڪان ٿيءُ
اڳتي دنيا کي وڌائڻ وارا!

هر اوندارو نه، اوندارو ناهي
نوُر جي جام پِلائڻ وارا!

موت جا ٿي ته فرشتا ها شيام
ڏيڻ حياتيءَ کي لڳائڻ وارا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤٦

ونيءِ واريءَ ڪٽا ورڻ وارا
واهه، ٻارن جي ڳهر ڪرڻ وارا!

تون ته خاڪو خوشيءَ جو ڪينچيو هئو
رنگ غم جا منجهس ڀرڻ وارا!

عمر ساريءَ جي صبر جي عزت
ڪوهي تون "اُف" ڪريءِ مرڻ وارا!

تون ٻڌڻ جون ملامتون به وڏيون
جام هٿ ۾ ڏئي ڀرڻ وارا!

ويئي ويتر وڌائي چاهت کي
مشڪ ٽهڪجي "اُلهون" ڪرڻ وارا!

چوري چوريءَ ڪٽان اچي اکين
پير اندر لڪي ڌرڻ وارا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپنا ٻڙلون راتيون دريا
سائيا واري آس ۽ صحرا!

آهٽ ٻڌ لدي صبح نه ٿي واءُ
در تي تڪ تڪ راهه نه ٿي ڪا!

سُور ٻڇار سيڻ ڪي ساڳي
ٻوھ ٻس هرڪو ڏنڌا ڏنڌا!

ڪهڙن طوفانن مان نڪري
ٻيڙا ڪهڙي ڪنڌ تيِن پهتا!

ڪنهن جا ٻيڙا سر تي ٻوڙي
رڻ ۾ ٻوڙن ٻيا واچوڙا؟

جن کي شيام شڪايت آس جي
ڪهڙي ڇانو اهي وڻ ڏيندا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُردہ ماڻھن جو ھي ملڪ جتي پٿر جا پتلا
موت جي گھرائيءَ سان جڳرن ٿي ھٿن مشڪن پيئا!

شھر جي چوڪن تي ھي پتلا ڏس، کھڙين ھستين جا
جن تي سرٽيون پاريھل ڪن ڪٿن لروٽين جي ورڪا!

دل تي ڇا ٿيو؟ ڪير ٻڌائي ٻنهنجي جيب ڪترائي،
جنھن نہ ڪڇو ٻڌھن پاڇَل والگر ٻڙ ٻڙ ٿي نہ ڪئي ڪا!

جسم نہ آزاديءَ جو ليڪن روح انس مجبوري
اھڙو جڙو جيءَ ڪندو ڪي، ڪار سنواريندو ڪا؟

ڇا، دريا جي پيشانيءَ جا گھنج ھيون ھي لھرون،
غيرت وارا ساحل ٿان ٿي جو ھٿن موئيا پياسا؟

ڪنھن لءِ جھاڳي پاءِ اڙي دل، ڪو نہ ڪو جلو پسندينءَ
پردي وارا صرف ڀھاڻي لءِ واجھائن ويٺا!

جيون شيام پھاڙ اُلاھون يا ري. ٻاري ٿر
ڪو بت ساز ھجي نہ تراشي ھاڻ اٿون دلواڙا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهه اکائڻ جا چڙ حيلا
مُنهن نه مٺي ڪڻ او شرميلا!

غم، غصو، لڄ، موهه ۽ ماٺو،
ليڻ پيل، سڀ ڀاڳو رسيلا!

دلواڙا ڪ اڄتا وارا
فنڪارن جا بت پٿريلا!

پٿر پٿر موهڻي مورت،
بادل بادل رنگ رسيلا!

ٻاڻ نه روئي، رتاڙ پٿر، چارڻ،
گيت سريلا، سُر درديلا!

لوهي ڇڳ، ڪي جا ڇنڊي
ڦُول ڇڻي ويا جا نه سجيلا!

واءُ لڳي تو لهرون پائيون
سَرُ ۾ ها جي سَپ زهريلا!

ويهي گندي نالي تي ڪٿن
شيام تو ڇيڙيا سُر سپيلا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوزخ وهم ۽ بهشت حڪايت
دنيا ڇهڙي ٿهڙي حقيقت!

گل سان خار، چڱڙ ۽ ڪوڙي
سطحي چاهت، بي ٿيه نفرت!

سک ڏک جي نہ هٿڙ ۽ ٿاهي
سک ۾ ڪنهن ۾ ڪٿي نہ قناعت!

پاڻ ۾ موهہ نہ هوہ ٻڌهن ٻي
آئيني جي ايڏي ضرورت!

ڌنڌلي ڌنڌلي ڀان پوي ٿي
ڪنهن جي صورت، ڪنهن جي صحبت!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٥١

مون ڇڱي شمع فڪر ٻاري رات
ڪامندي ڪامندي گذاري رات!

شام کان غرق هوس اونده ۾
پئي جلي شمع سا به ساري رات!

شمع ٻرندي ٿي پيو روشن
رات ڪيڏي هئي انڌاري رات!

نور تارن جو نور آهي ڪو؟
چنڊ ڌاران ٿي رات ڪاري رات!

چمڪون چمڪون بدن ستارن جا
ڏس جلي ڇار ٿئي نه ساري رات!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥٤

علم ڪندي زالين حيات
ڏيندي هيءَ تهذيب نجات؟

ٻچڙيون ڪنوٽيون سهڻيون پوءِ ته
گهورڻ ڪيت اڻاٺي ٻاهت!

اَپ جو سينو گهاوَ تي گهاوَ
ڪيڏي دل جي ڪاري رات!

هڏڙيون ۽ ٻ خطري جو چتاءُ
هوڏي سخت ڪُتي جي ذات!

ڏپُ، ٽوٽو جهٽن ٻچڙي بعد
سپنج ۽ چنڊا، سهڻيل لات!

هردم، موت لئي هڪ احسان
انٽم يُڳ ۽ شيام حيات!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥٨

ناهي خواب خيال جا ڪوٽ.
گهاريندين هتي ڪيسين ، گهوٽ؟

ڦول ڇڻي ڪرندا ٿي رهيا ،
سڙو سڙ پوپٽ ڪهڙي اوٽ ؟

ننڍڙي لڪ ڇپ، وڏڙي لياڪ،
ننڍائيءَ جي اوٽ ۽ موٽ!

سڪ نہ هُئي هو، سَچُ هئي
ڦير ڪير تان ڪاڏي موٽ!

شيام اڇي پٽين ٿڪن ۾
غم ٿي پاڳلپڻ جي چوٽ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺا ڦار ڀانيا مون ماکيءَ جي ميٺ
۽ چوندين تون نڀي قول هئا قول نيٺ!

لهارڻ جو اُپ ڏي اکيون اُٿن ڪٽي
ڪوئي آس جو ٽوڙيو ناهه هيٺ؟

هندورو هٽي پئون انسان لاءِ
رهي پار ٿي ڪيسين ڪو پار نيٺ؟

ڪندو ڪير پرديس دائم پسند
هجي سرڳ نه ۽ گهر نه گهر آهه نيٺ!

هزارين لڳا شيام ڪنهن سان ملي
اڃا ڪانئين آهي نه ٿي ڏيٺ ويٺ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکڙين ۾ خوش خواب ٿي آيو هئو ڪير؟
دل ۾ ٻڌجي چاهه سمايو هئو ڪير؟

سپنا سپنا ليڪن ته دل ٻاڦ ٿي ٻاڦ،
ڪچڙي ڪچڙي لب ٿي چاليو هئو ڪير؟

هوري هوري ماڪ پٽي پٽي ٻنهه لي
چپ چپ ٻوٽين رات جو آيو هئو ڪير؟

ٻڙڪي جهٽ ۾ ڪٽن نه وٺي گل ٿي جوس
ڪاوڙجي ان ريت لڄايو هئو ڪير؟

"شاعر آهي شيام"، چيائون ليهن ڏيهن
ڏيهن ٿي مرڪي ڪنهن ورجايو هئو، "ڪير؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساهه اولڙهه ۾ ٿيو ڪٺن دشوار
شمع ٻاري رکو مزار مزار!

سهسين طوفان، سهسين واچوڙا
ڇا نه ڌرتيءَ جي دل تي آهه غبار!

ڪير ٻڌندو ضمير جو آواز
رڙهي لوڏن مٿان رڙي پيو ٻار!

ڏيڻ ڪن لاءِ امن جو پيغام
ڪن ڏنو جنگ کي ٿي ڏيڻ قرار!

اڄ سڙيل لاش، جنگ جو ميدان
راست ڪاري هڏيءَ هڏيءَ ۾ شرار!

مردو ڦوڪي مساڻ مان موٽيا
منهن ۾ ماڻهن جي امن جو اظهار!

ڪير هونءَ جوت لاءِ سوچيندو ويو
ڇا لکجي ڇا لکجي اڄ انڌڪار!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥٧

زندگي عين دوست جو ديدار
دوست ڌاران فراق جنهن دشوار!

ڪنهن رنڱڻ لاءِ ڪنهن کي ڏوهه ڏجي
ڪهڙو دل جي وجود کان انڪار!

نيل آڪاس، زندگي، ڪامڻ،
مفلسي جنهنجو پڻ نه آر نه پار!

سچ ڳلن ٿي ڏسڻ جو راز ڏسيو
ٿي ڪاهل اک، ڏسي خزان ۽ بهار!

مون ٿي سمجهو ڪنارو، اڪثي لهر
دل جو دريا اڃا آئين ٿي اپار!

ڀاڳ، تنهنجي سان رئيس ڪا شاعر
زندگي تنهنجو تاج، تنهنجو بار!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥٨

هوند تارن جو ڪو ٻڌيو همراز
ڇا، وٽن سوز هئو نه ڪوئي ساز؟

غنچي غنچي جو همزبان ٻڌجي
چُپ ۾ سُرهو ٻڌان پيو آواز!

هر نظر غور سان، تڪيان ويٺو
آنءُ جاڻان اکين جو راز ۽ ناز!

آسمان آهه حد نگاهن جي
دوُر اُن کان خيال جو پرواز!

نيڻ ڀوُنيل ۽ مدهن ٿي ماٺ مڙهيل
شيام ڪنهن سان نه آهه راز و نياز!

٥٩

اڪ نہ تارن ۾ اُڏي، سج ڏي نهاري نہ سگهيس
توکي اي چنڊ، ڏسي پاڻ سنڀاري نہ سگهيس!

ڏينهن جي شور ۾ ۽ رات جي خاموشيءَ ۾
جي وسارڻ ٿي گهريم توکي وساري نہ سگهيس!

مان کلي ڪين سگهيس ٿيان اچڻ سان ٽهڪجي
ڳالهہ دنيا جي ڳجهي لڙڪ ۾ هاري نہ سگهيس!

چانڊوڻي رات ۾ ٻڌي رات جي راڻي مهڪي
دل نہ ٽِڪي، نند مان پر توکي اُٽاري نہ سگهيس!

ذهن مان نقش پراڻا نہ مٽيا سڀ، ليڪن
دل ۾ ڪي آهہ اهڙا جيڪو وساري نہ سگهيس!

پڪندو ٿي نہ رهيس شهر جي ويرانيءَ ۾
ڪڏهن ڪي تنهائي جو احساس ڏياري نہ سگهيس!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٠

ٽنو لڳ ڳوليم پٽي آڪاس
ٻنءَ مان آيو ٽهڪندڙ واس!

ڪيڏو پيارو هڪ هڪ سواس
سواس ۾ آهي ڪنهن جو واس؟

شعر نہ آهي ٻُنءَ جي ذات
مٺي روح کي آئي راس!

رات سرڪا لڀڻ ملول
ننڊ اچاٽ، نگاهہ نراس!

گهر گهر لڳي پر ڳڻڇڻ لاءِ
مجبوريءَ جو هٿن احساس!

مبهم آهٽ، ڪاري رات
دل ۾ نامعلوم هراس!

شيام وهائڻ جان مرڪي
ڪاري رات جو رمز شناس!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦١

هُو پري کان آهٽ جو احساس
ڪنهن جي لءِ آءُ پاڻ جو احساس!

ٿهه ۾ لغزش ڀريل نگاهن جي
هڪ اٽيل گهرو چاڻ جو احساس!

ڪو هليو چنڊ ڏي فضا چيري
دل ۾ ڌرتيءَ جي گهاءَ جو احساس!

منهنجي پسر ۾ نه هئو نه ڪوئي ٻي
پوءِ به ڪنهن جي ڇُهاءَ جو احساس!

ٻار ڪي ڪنهن جي هنج مان وٺندي
ڇا نه دلڪش هڳاءَ جو احساس!

شيام منهنجو ٿي پيار پاڻي ، ٿيو
زندگيءَ سان لڳاءَ جو احساس!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٦٣

چارڻ! سورٺ ساهي راڳ،
راڳ لٽيو سورٺ جو سهاڳ!

روح جي راحت لاءِ نه آهه،
جيءَ جُهرائل هن جڳ جو راڳ!

ڪيڏا ٻيڙا ٿي ويا غرق
سمنڊ ڪِلي ۽ ڳاڙي جهاڳ!

روئيءَ لاءِ چتا جي آڳ
چمڪيو پيت ٻَرڻ جو ڀاڳ!

صبح سفر ۽ شام جي اوٺ
”روشن راهون ۽ الله لو ماڳ!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٦٣

سنگ نہ ساٿي، اُن سان لاڳ،
ھاڻي راڳن ۾ ڀيو ويراڳ!

ڪنھن گل جي رنگين مراد
پوپٽ جي پرن تي پراڳ!

ھيٺن پيرن ھيٺ جنھن ۾ جيئن
اِن دنيا جو ڪھڙو تياڳ؟

دک ۽ سک جون ڪنڊيون ڇڏ
جيون آھي سمنڊ اَجھاڳ!

دل ۾ ڏولھيون ڇا تہ ڏکيون
ليٽن ورتو جيڻ ويراڳ!

مرڪي ڪنھن ڪڙڪي ڪولي
شيام ڪليو اڄ ڪنھن جو ڀاڳ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيري ٿم ڪري ڏيري هل
موهن جو هي شيش محل!

ڏٺو ڏٺو سراپا سوز
هر هڪ هڪ سورج منڊل!

هلڪو هاڻ ۽ ڪلهه به ته هئو
اڄ ۽ پيرانبر آ پروڇهل!

ماٺو سر ۾ ڪاري رات
ٻناڪ ٿني ل ۽ اچي ڪنول!

حسن نظر جي چالو هئي
رانو عمل ۾ ڏيٺهن ٿل!

لهر لهر ۾ لهر اٿي
هاڻ ته هڪ طوفان اڇهل!

دنيا ڪيڏي وڃهي آهه
پٽ لي پاڻ ته چٽ ڪتل!

رات جو راهي اڇو آهه
جل جل او مشعل، جل جل!

شيام حيات جي حسن مٿان
آهه ازل کان چريو اجل!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٥

آهه ظاهر ڪي گلستان ۾
۽ اڪل آهه ڪي ويران ۾!

ڦاڳڻ باغن جون حدون اورانگهي
ڦول مهڪائي بيابان ۾!

نيل گنبد ۾ فقط رنگ ۽ نُور
ڪجهه گهٽو بحر جي تهخان ۾!

هي ٻُڌن پنهنجي چون هُو پنهنجي
فرق ڏاهن ۾ نه ديوان ۾!

پنڪڙيون ويئون ڇڻي هڪ هڪ ٿي
گل نه رهندا وڃي افسان ۾!

اَمن ساحل جو نه اڪڻ ۾ نه هو
شيام ڪو حسن هو طوفان ۾!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٦

اسان جا پير اولڙا ٻه، اسان جي روشني ڏيئا ٻه
گذاريون شمع وانگر ٿا جلائي پاڻ کي جڳيئا ٻه!

لڳي ڏُن صبح جي اهڙي ڏنو سيئن پڻ نه تارن ڏي
ڪٽيسين رات اولڙا ٻه مگر اُبريو نه سج اڀيا ٻه!

گلي ڪنهن کي لڳايان ۽ چمي چپهون ڪريان ڪنهن کي
جگر منهنجي جو رت آهي پريل هر گل جي رڱيا ٻه!

هٿيلي دل جي ڪارڻ ٿي مٿو هنگامو دنيا جو
فقط هيءَ دل ٿئي راضي نه ٿيندو امن هن جڳيا ٻه!

وٺي دل ذوق خود بينيءَ جي منزل ڪان اڳيان لڪري
نه هرگز پيد ڪو ليڪن رکيو همراهه ۽ ٿڳيا ٻه!

نہ تنهنجو شڪر جي آهي شڪايت پڻ نہ ڪا ناهي
ڏئي چڪي نه ونئس سو قراني تنهنجي مارڳيا ٻه!

اها ٿي تنهنجي محفل لوڪ ۽ پرلوڪ منهنجي لءِ
اٿي آهيان، اٿي هوندس، هيس پڪ مان اٿي اڳيا ٻه!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٧

أهي نگاهون أهي ادائون
أهي اشارا اڃا به آهن،
مٺي محبّت جا زندگيءَ لاءِ
سڀ سهارا اڃا به آهن!

دلين ۾ ليٽن پيا پُراڻا
نوان نظارا اڃا به آهن،
اونداهي آهي نه رات غم جي
ڪيئي ستارا اڃا به آهن!

ڳهليون غمن جون هوائون جن تي
ٽڙي پيون ڪي دلين جون مکڙيون،
خزان جي موسم ته آهي، ليڪن
ڪي ڦول پيارا اڃا به آهن!

ڪٿي نه ڪنهن پي ڪٺي جي روشن
اونداهي رهندي نه رات، ساٿي،
هوا جي جهولڪن ڏيا وسايا
ته چنڊ تارا اڃا به آهن!

وطن ڇڏڻ وقت اُن تي سمجهم
ڪندو نه ڀلجي ڪو ياد، ليڪن
اياز، احسان، راز پيارا
ڪي قرب وارا اڃا به آهن!

(١٩٥٩)

---

شيخ مبارڪ اياز، مرحوم احسان احمد بدوي،
مرحوم شيخ عبدالرزّاق راز.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌل دل کي ٻرڻ لپٽ ٽاري ڇڏيو سين
اڙهيل کي لڳائي ڪناري ڇڏيو سين!

ڪنارو ڪيوسين ٿي لهرن کان ۽ ليڪن
ڪنارو سمنڊ تي سهاري ڇڏيو سين!

جلي پاڻ تنها به، گل ٽيندي ٽيندي
”هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيو سين!“

لڳائي هيئن چٽڪ هڪ جهان، الهيءَ مان
هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيو سين!

هڻاسين ته شعلا مگر ضبط ڌاري
گلن ساڻ گلشن سنواري ڇڏيو سين!

تصور سان تنهنجي ته جو جام چمڪيو
چپن تائين آڻي به هاري ڇڏيو سين!

ڪڏهن ياد تنهنجي ڪڏهن ذڪر تنهنجو
الاءِ وقت ڪيئن گذاري ڇڏيو سين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئين ڪيڪاريئه ڪاڻي ٻـر چؤ تـه مان
گفتگو توسان ڪريان، توکي ڏسان ؟

سُعر ٻئي سوچيم جڏهن در مان گهڙئين
ڪي ٻڌيو يا ٻڌجي ٻگڙيو ڪٿن چوان ؟

پيري پيري سان جڏهن توکي ڏٺم
ڪي ڪٿل ڀانيو مون ٻهڪڻجو باغ مان !

ننڊ مان هر صبح جو آئندي ، ٻرئين ،
شام ليٽڻ ۾ رهي هڪ خواب جان !

ليڻ لـڙڪن سناڻ چمڪائي وئيون
جي خوشيءَ جون ساعتون گهاريون اسان !



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧٠

ڦرڻ رنگ ٻوٽان ملڻ ٻوٽيءَ گل سان
رهان هوند رولاڪ ٻٽڪي صبا جان!

هوائون ٻه لڳنديون مگر شيام ڏسڻ ۾
مٿان ماڪ ڇاڪي ڪنول جي گلن تان!

ڇوڻ تو ته اُپ مان ٽُٽو آهه تارو،
لڳي تو ته ڳوڙهو ڳڙيو ڪنهن جي اک مان!

زماني جا آهن ستايل سڀئي،
ٻڌي حال ٻڌندين سڄڻ! ڪنهن ڪان ڪنهن ڪان؟

زمانو اسان کي مٽائي نه سگهندو
مليو آهه خود ڪيس نالو اسان کان!

ڏسيان توکي اڄ پنهنجون ڳالهيون توجيڪي
سڻائي اهي ٿي ٻين کي تون ڏسجان!

سڄڻ شيام کي پنهنجو همراهه ڀانيو
هيو چنڊ جو گڏ هليو پٽي سڄڻ سان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين سوز ۽ ساز جو روپ ڌاريون
جلي دل مگر نند مٺڙي ننواريون!

ڀٽڪيون ٿون ته خود زندگي ٿي اسان جي
مگر زندگيءَ کي اسان ٿي سنواريون!

لڳائي هيٺ هڪ لڳا چٽڪ دل ۾،
ٽيون، ٻيون ٽمنديون جُڳان جُڳ، ڏياريون!

وڏي رات آهي پري صبح آهي
ته ڪا شمع ٻاريون ڪوئي ڪاڄ ساريون!

اچن لاهيون چاڙهيون مگر ماڪ ٻڌي
ڪڏهن گل ڪڏهن سج جي ٻاڪر ۾ گهاريون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۷۲

وهاڻو ٽڪيان، ٻاک، ڏي يا ٻهاريان؟
اجل کي سڏيان، زندگيءَ کي ٻڪاريان؟

گناهن ڀريو ٿي مگر ديوتا آهه،
ڌڪاريان مان ڪئن آدميءَ کي ڌڪاريان؟

ٻڏي ٿي نصيبن ۾ آهي لکيل جي
ته ”طوفان، طوفان“ ڇا لءِ ٻڪاريان؟

جهنّم ۾ جالي به جنّت ٿو جوڙيان
حياتيءَ تان جيءُ جيءَ ڪري جان واريان!

پرين! پيار تنهنجو ۽ وهنوار جڳ جو
سنڀاريو سنڀاريان، وساريو وساريان!

انڌارو هيو انڌڪري شمع ٻاريم
اجهو صبح ٿيو، ڇا اڃا ٻي نه ٻاريان؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪٽي پنهنجو همٿ مون وڌايو پرين !
ڇو نه پنهنجو پلئُو تو ڇڏايو پرين ؟

هيٺ نظرون ڪري مسڪرائي اٿين
حوصلو دل جو تو ٿي وڌايو پرين !

چاهه منهنجُن اکين مان ٻکيو پئي، مگر
ڇوڙ نه تنهنجُن اکين کي لڪايو پرين !

روح تارن جو مستيءَ ۾ جهومڻ لڳو
جڏن ڪٽي لبڻ تو مسڪرايو پرين !

رات ڳالهين ڪندي چنڊ آڏيءَ لڙيو
دل کي ڪيڏو نه وهمن ورايو پرين !

لڙڪ آيا فضا جي اکين ۾ تري
مرڪندي تو جڏهن موڪلايو پرين !



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۷۴

هي ٻڌڙيون هوائون هي ڪاريون گهٽائون
اِئين ٿي جو آيون سنيهو ڪي اٿائون!

لمحا جا جهونڪا غمن جون گهٽائون
هي ٿڌڙيون هوائون جهڙاليون فضائون!

ڪٿي ڳالهه منهنجي نه هڪدم مڃائون
مگر هيٺ پي ڪا نه ڪڏهين ڪيائون!

سوال جو هڪ سلسلو هئي حياتي
ڪٿي اڪ ڏٺائون سڀئي حل ڪيائون!

ڪڏهن ڪئن ڪڏهن ڪئن پرين! پيار تنهنجو
گهٽين ۾ وڏن چنڊ جون جئن ڪلائون!

ڳُڻو حسن خود عشق سان ۽ ٻيو ڇاڪان
ادائون نياپا، نگاهون ڇپائون؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي ٿي جي دوست! سوچيندئن
ڪجهه نه ڪجهه پڪ اُداس ٿي ٿيندئن!

سچ لئي روئي ٿو پُنايو پاڻ،
خشڪ اکڙئن ۾ راحت ڪاٿيندئن ؟

ٿيءُ نه پنهنجن کان بدگمانُ اِئين
مفت غيرن اڳيان ڏنو ٿيندئن !

حال منهنجو نه جي ٻڌئن ته چڱو
گونگو روئي تون جيءَ جهوريندئن !

چانڊڪي چانڊڪي گهٽا تي گهٽا،
ڪٿن ڪنوڻ کي کلڻ کان روڪيندئن؟

ٽاڪُون ڏاڍو دل جو سنّاٽو
شيام اُف ٻي ڪندئن نہ ٽوڙيندئن !



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧٦

ايڻن وانگر چنڊول جو ٻن
ليڙ ٻڙيا جوٻن جو درپن!

جيون - ٻيڙا ٻوڙي ٻوڙي
هوش ۾ آئي سرت اچيتن!

چمڪي چٽڪ ۽ سُرهو دُونهون
سوز ٻري دل آرتي چندن!

چنڊ ڪڙيل، ڪي ڪرڻون اُڀ ۾
کهڙي سوچ ۾ شاعر جو من؟

شيام، اماس ۾ آهه ڏياري
اوسيڙي جو ديپ جي روشن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُجلي ليٽن جي ڪارڻ
نيڻ جي گهرا ليڏهن لياڻ !

ٽُڙندي ٻن ٻن تي ٿويا ڦول
سُرها ٻُرها جن جا پراڻ !

سنڌاڻو ۽ هٿ هٿ آگس،
جيون، آڌيءَ رات مساڻ!

خون ۾ ڪفنايل هي لاش
مذهب ۾ دفنائڻ ڪاڻ!

اهڙو آهه اسان جو پنڌ
رهزن رهبر ٿي ٿيا ساڻ!

اَٽڪيو ليو ٿي هلندين ڪيئن
جڳ ۾ پنهنجي راهه سڃاڻ!

ڪو نه جنهن جو ڏانءُ ڏسي
ماڻ حياتي پنهنجو پاڻ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيام ٻون ڪنهن آئي هر ڪنهن ڇو هاريو
هوند ڪويل نه هيڪن ڪونجاريو!

هيڪلاڻي ۽ چانڊاڻي چپ چاپ
ڪجهه ته پٽي ڪائنات وڇاريو!

چاڻ رابيل جي ٻڪي خوشبوءِ
ڇنڊ اڄ ڪنهن کي پاسندو ڏاريو؟

سونهن ڪيڏي نه اڄ ڪئي سرهاڻ
هڪ نظر ۾ تنهن جيءَ هٻڪاريو!

ڇنڊ ڇوڏس جو ۽ شگفته گلاب
رات جيڪر ٻون ڪنهن کي ڏيکاريو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧٩

پرين! اُنهيءَ ۾ پڻ ڪون توکي پُڪاريو
ڪٿي اک، نه تو خواب ۾ پڻ نهاريو!

ڪرڻ لڙڪ جهڙن جهڙن، ٻڪي ڏُرو ڏُرو
سڄڻ، تنهنجي غم زندگيءَ کي اُجاريو!

ڏٺي رات کي موت لڙڪن ۾ ساري
ڪٿي ڪنهن نموني اسان ڏينهن گهاريو!

اکين کان لڪي دل ۾ پاتي لياڪو
ستل زندگيءَ کي اچي ڪنهن اُٿاريو؟

چمن مان لنگهڻ وقت پاڻيان لڙيئين پيو
گلن جي وٽي اوٽ ڪنهن پئي نهاريو!

نه ڪنهن پئي نموني لڪائي سگهين ها
ڪلي ڳالهه ڪني شيام تو ڪئن نه ٽاريو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي مون وٽان پوءِ مڙي تو نهاريو
پنهنجي ياد کي يا هيئنر کي وساريو!

جهڙي وٽ جهڙي وٽ کو رابيل هجڙو
مُرڪي چنڊ ور ور ڪري پئي ڏٺاريو!

هينئر صبح جو وار وڻڙيل الين ٿي
گهٽو شام جو ڪين پئي تو لنئاريو!

ڪلي هڪ ٽڙي، رات هڪڙي وهاڻي
معلوم ڇو ماڪ هڻن هاڻ هاريو!

خموشي ۾ جي دل ۾ وڃون چهڪ لرزيون
آئي شيام اڄ رات ڪنهن پئي پڪاريو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٨١

حسين دام ۾ ڪير ھئو جو نہ آيو
رڳو پاڻ کي مون نہ پاڻھي ڇڏايو!

ڏسي مون کي دنيا کُچو ڪين، ليڪن
ستارن ٻڪيءِ اکـ، گلن مسڪرايو!

عجب يءِ لڪ آھن اوھان جي ڏسڻ جا
نہ ڌاريا لڳو ۽ نہ پنھنجا لڪايو!

اھي گل آھئين ٿي ڇٽي ھيٺ ڪرندا
اکيون ڇو جھڪايو، ڇو دل کي سڪايو؟

صراحيءَ ۾ ساقيءَ جي آھي اڃا پي
پيالو رکي ڇو ھٽايا، وجھ وڃايو؟

غزل ساڻ ٻيائڻ وڏي ڳالھ آھي
تخلص ۾ چاھي نہ آيو نہ آيو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ايئن جو سنهڙو سنهڙو
ساڪي آهه سُهائي پَکَ جو!

منهنجا آنسون ڏيپ ٿي ٿاهن
ڏک، ڪان من ۾ نه آهه او نڌاهو!

ٿون ٿِي ڪر ڪا سچ جي سُس پُس
نعرو ڪو منصور ۾ هڻندو!

ٿانءُ جڻڻ هئو ڇيا ان جو ٿي
او سيڙو هئو ۽ اُب ڪو هئو؟

تنهنجي ياد هئي اُٿن دل ۾
گويا رڻ ۾ سچ جو ٽڙڪو!

چمڪيا چمڪيا پيرا ڪنهن جا
ليٺ سفر ٿيو سوڪو سوڪو!

هاڻ ڪکيءَ هاڻي ٿي مهاڻي
سڳ، سمي جو سُرهو سُرهو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رخ تو اڃان بي رخيءَ جو ڏيکاريو
پاڻ کي پاڻ ڪان لڳان ڌاريو!

ڏيٺي ڀولي ڪُٺم ويچارو
ڇو پڪاڙڻ تو ڪئين سيکاريو؟

منهن منجهان اڃان نه ٿي لڳا پڌرا
وڌي پيرم بس ڇڏن نه ڪيڪاريو!

مون تي هڪ ڪي فقط اُڪاريندين
مون کي ٻوڙي تو ڏاڪڻا ماريو!

موت جي آرسي رکي سامهون
زندگيءَ جا تو پاڻ سينگاريو!

ٿو هلي شيام هن ڪله آٽيو جام
شمع هڪ ٻي نه وات لي ٻاريو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل جي رنگ ۾ دل ھرکي جو مون گل ڏانھن نھاريو
جيڪس اک ۾ ڪنڊا ھا، جي ۾ سندس سرھاڻ ڏٺاريو!

ڪنھن سان لڳين سحاب تي، مون مرڪي ھٿ وڌايو
ساڳئي ناليءَ سان وابسته يادن ٻي ڪيڪاريو!

پياس ۾ منڌي پوءِ بہ جنھن جي لاءِ پيئڻ تي پوندو
ڇو ٿا ھاريو؟ پاڻ کي ڇو ٿا اڄ وڳھي ھڻن ماريو؟

پاڪ ڦٽيءَ جي لاءِ دعائون گھرندي رات گذاريو
وڃندو اوندھہ ڪي ۾ پنڻ مان شمع اُٺي ڪا ٻاريو!

ڪوئي ڏيھہ وڃط ساڙيھہ اسر پير پرڏيھہ ٻي آھي
سيني ڪاڻ ۾ پنھنجو ناھي ڪنھن ڪنھن لاءِ ۾ ڏاريو!

واري واري چوڌاري، واري چوڌاري واري
رڻ اُٺو ڪنھن ڏوڙي ڦان ٿي پاڻيءَ لاءِ پڪاريو!

سڌائو ٿي سڌائو ڪو ڪولہ سگھي ڪالھائي
چرڪ پريو سڌائي، جنھن ٿي باغيءَ ڪنھن للڪاريو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خزان حال دل جو گلن کي ٻڌائڻ
ٻڌي، مرڪي ٿي غم نه ٻڌهندو لُڪايو!

اسان لڙڪ لاڙيا جي ويهي ڪنڌيءَ تي
نه وچ سمنڊ ۾ ٻُڏل اسان مسڪرايو!

انهن جي مٺي مرڪ مان آهه ظاهر
نه شبنم گلن کي نه آهي اپايو!

اگر زندگيءَ جي شڪايت ڪيم ڪا
پر ان، اک ملائي تو چاليءَ لڳايو!

اٿو سج وڏيو شيام جنهن جڳ انڌارو
ڏٺي ڪنهن هتان ڪنهن هتان ٽمٽمايو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل کي ڪنھن جو پيار مليو
سونهن ڀريو سنسار مليو!

جنم مرڻ اڪ پٽ اڪ پوُر
وچ ۾ ڪوڙ وستار مليو!

سوُرن ساڻ ٻيهاڻ ڪندي
راحت جو ڏس پار مليو!

جيءَ ڪٿو ڄڻيو دنيا منان
ڪنھن ڪان ايڏو پيار مليو!

لهرئين لڙهندي عمر ڪٽي
آر نه ڪوئي پار مليو!

راهه ڏکيندي ڏارن جي
صرف سُڃهِري غبار مليو!

جنھن جو نالو شيام هياسن
تنھن ۾ دم نه قرار مليو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٨٧

حسن کي ضد نہ هئو حجاب نہ هئو
پر اکين کي ڏسڻ جو تاب نہ هئو!

غنچي غنچي زبان کولي، پر
ٽهڪڙي چپ جو نہ کو جواب نہ هئو!

هئي رنگت جوان جسم جي سا
موتئي ۽ مليل گلاب نہ هئو!

موڙ چڙهيو ٿي رهيو، اکيون نہ کليون،
صبح جي هير هئي شراب نہ هئو!

شيام تاريلي رات جو منظر
پاڇو هئو پاڇي جو حساب نہ هئو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٨٨

صرف وچ سندر ڏاڍهن مائل جو
ڪٿان ڏسي سو پيارو ساحل جو؟

بس جي ڦيٽن تي ٿي حيات ڦري
ڪوئي آهي ٻه موڙ منزل جو؟

لهرون ساحل طرف نه ڪن ڇو ٽپون
ڇا اٿن ڪو ضرور ساحل جو؟

راهون واهون گهٽيئي ٿي پونديون
پر هجي اعتبار منزل جو!

پنهنجي پنڌي مٿان ڪوئي پوڙي
ٿوري ڪن آهه فڪر ساحل جو!

هيءَ دنيا اگرچه پس منظر
نقش اڀريو نه پر مٿس دل جو!

رات ڏهليءَ جي، شيام ننڊ ڦٽل
چنڊ جي چانڊني، دوهون مل جو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨٩

اڄ بہ ايذاءُ ڪنڊن رسايو
رنگ و بوءِ نہ دل کي لُڀايو!

حال گلشن جو ڇا لاءِ پڇو ٿا،
واٽ غنچن جي ڇو ٿا پٽايو؟

ڪنهن پٺيان ٿيلهي اونده مُهاري
چرڪ پنهنجي تي ٻاڇي ٻرايو!

ڪيڏو آڪاس، ڪيڏا نہ تارا
رات لاءِ دل کي ايڏو سڪايو!

مُرڪ تنهنجي فقط مرڪ ناهي
ڀي اکين ۾ ڪٿان تاب آيو؟

وچ جيان هستي اچندي نہ هوندي
سِڪ سمهڻ لاءِ بہ هيڏو شيام ڇايو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩٠

هل جڏ باس جي ڦهڻ ۾ وهندو
جو وڪندو سو ٿي ٻڏندو!

دنيا پنهنجي غم ۾ غرق،
اڄ اڄ پيڇو ڪير ڪندو؟

ڪنڊن منجهه ٽڙيو گل آهه
ڏسندو ڀؤنر سگهي مرندو!

جنهن ۾ تارن جي جهرمر
تنهن کي اونده ڪو چوندو؟

تارا جهيڻا، ديپ ٿڪا،
اي دل، جاڳ ٿيو سُجهندو!

ڪنهن جا پيرا؟ ڪس ڪهڙو؟
ڪنهن ڪو سپني ۾ ايندو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ۾ وهائڻ جو هيءُ جلوو،
اي اڪيلي رات سڄي اوجاڳو!

چپ نه چُري ٻر سرڪيو آنچل
اهڙو ڪهڙي هوا جو جهولڪو؟

ڏنهن جي مرڪ سرءُ جي سانجهي
ڏاريلي سڪ سانت جو پڙلو!

وچ ۾ جسمن جون ديوارون
ڪٿن ٿئي دل سان دل جو رشتو؟

اچي اچي ٻي لهر لهي آئي
ساحل ساڳيو آهي اڪيلو!

رنگ جو پيرو سڙيل اڄ ڪائي
رهندو رات رهيو ڪو هوندو!

ٻوٽين ٻهر جي ڏنهائيءَ ۾
سڏ سان شيام پريو ڪنهن سڏڪو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺان شيام ٽوڙين نگاهن جو ناتو
اڃا پاڻ ٻاڌو نه، دل ليڪن لاٿو!

ڪٿي چاهه ڳولا ۾ اڪثر ته ٻاهر
چمن ۾ وري پير خوشبو نه پاتو!

هليا سين ته گڏ پئي مگر اڄ سين جان
هلت مان نه واقف ڪري ڪنهن نه ڄاتو!

اکڙين ناهي ليلا ملڻ ناهه ممڪن
چنيسر سان هاڻي لڙون جوڙ ناتو!

هٿن ۾ جهلي هٿ نهار پيو اکين ۾
ٻڌو پريم منهنجو مون وساهه پاتو!

ٻڌي منهنجون ڳالهيون اکيون پرچي آيون
غزل منهنجو منهنجي اکيان ڪنهن ٿي ڳاتو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون ڀوُرو موت ٻيو ڀوُرو
هيءُ اڌوُرو هُو ٻيو آڌوُرو!

سچ "آهي" جو چاڻيو آهي
"هئو" ۽ "هوندو" وهم نسورو!

اوُنده وچ، روح ڪاڻپوءِ اونده
جنهن ۾ ڏٺو ڪي سو اَڻپورو!

هيڏو آپ ۽ هيڏا تارا
رات جو عرصو ٿورو سورو!

ڏوُنهون سرهو، هلڪي گرمي
درد جي ڏوُٽي چندن چورو!

ور ور سوُنهن لياڪا پاتا
پيار نه هئو ڪڏهن ڀوُرو ۾ پورو!

شيام، عميق، وسيع هجي پي
سمجھ لڳي جو وقت سمورو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهار ۾ به، ڪڏهن دلڪشي نه هوندي آهه،
گلن جي هوندي به ڪا تازگي نه هوندي آهه!

ڪڏهن حياتي ۾ اهڙيون به ٿيون اچن راتيون
ٻرن چراغ پيا روشني نه هوندي آهه!

ڪڏهن ڪڏهن ته محبت ۾ ائين به ٿيو آهي
عٺاي مٺن سان به دل ۾ خوشي نه هوندي آهه!

نه اوڻ ڪنهن جي اچڻ جي نه غم گساري جو
تڏهن به راحت سچي لڀ ٿي نه هوندي آهه!

اکين مان لڙڪ وهن ڇو الائي ڇاڻ پُڌي
اگرچه اهڙي نه ڪا ڳالهه پئي نه هوندي آهه!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه جاڳ جو ڪجهه ننڊ جو ننڍڙن تي اثر آهه
اوسيڙي ڀري رات سڄي عين سحر آهه!

وچ سير ۾ وهندي ٿي رهي ناءُ اسان جي
ڪنهن ڪُن ۾ نه پيئي نه مليو ڪيس ڪپر آهه!

وِڪ وڪ ڪري چمڪاٽ ۾ ٻجليءَ جي هليو هل
برسات ڀري رات، اڳيان ڏنبو سفر آهه!

پنڪڙ جي اها راهه، وسڻ جي به اها راهه،
دنيا ٿا سڏيون جنهن کي عجب راهگذر آهه!

گڏ ٻير جو پنڪاءُ ڪ ڳڻڊ ڀنر جي گردش
ٿر ٿانءُ هتي شيام نه، ٿيو ڪو ٿي بشر آهه!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي صدا پازيب جي جهنڪار آهه
تيز ڪيڏي وقت جي رفتار آهه!

اڻ کي سُلجهائيندي ويئي سڀ ڄمار
زندگي ڪيڏي نه گهنڀيدار آهه!

هن خلاءِ ۾ پي اک ملائي ڪينڪي
اي ضدي دل، جيت پڻ تي هار آهه!

منهنجي دنيا منهنجي آهي پوءِ ٻي
تنهنجي دنيا کان نه هرگز ڌار آهه!

هجر جو غم ۽ نه ڏوراپو ٿي ياد
ان طرح اڄ آئي تنهنجي سار آهه!

سوانهن تنهنجي سُر ملائڻ جڻ ستار
منتظر مضراب لهه هن تار آهه!

سار جان رنگن ۽ ريکائن ۾ شيام
ڪنهن شگفته روح جي هبڪار آهه!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩٧

ڪوڙا ڪنارن لئي ويساهه
پاڻيندو پيئي آ درياهه!

هر هر هڻن اُڀ ڏانهن نگاهه
هاءِ، مٿيءَ دل جو ويساهه!

مون وٽ نه نه تارا نه چراغ
ڏسڻو آهي رانڊو واهه!

رنگ رتي سرهاڻ مٿان
حرص ڀري گُنجار سياهه!

ٻوٽ جا ٻر ٽوڙيندا ڪيئن
ايڏو ڇو رنگين گناهه؟

رات جي راڻي، ڪاري رات
هت هت خوشبوءِ يا افواهه؟

ڳائيجي اڄ موهن جو دڙو
ڪالهه، ٿي ڌڪ لهڻ پب لباهه!

وسريا ڏينهن وسيا هئا مينهن
هاڻ نه اُٿلي ڪو درياهه؟

اُس ۽ لُڪ ۾ پنڌ سهي
واٽ لئي آهه جهجهي وڏاهه!

لڙڪن ۾ ٿي ڀيڄي شام
ٻاڻي سگهندين دل جو ٿاهه!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نگاهن، ادائن، اشارن جي ٻولي
لڳين آهه لت نازوارن جي ٻولي!

نه سمجهي سگهيو حسن دارن ٻيو ڪو
تمنّا ڀري نيڻهن وارن جي ٻولي!

مٺي آهه ڪوئل جي ڪوُ ڪوُ مٺي آهه
مٺي آهه سڄڻ بيقرارن جي ٻولي!

لکيل ڇا نه لالا جي ورقن تي آهي
پڙهي ٿي ڪوئي داغدارن جي ٻولي!

مٺيءَ جي ڀر ڏڏُن جو ٿيءُ حال محرم
ڏکي ناهه سمجهڻ ستارن جي ٻولي!

